# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 1979

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1979

# سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979

# THE SINDH HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان

Short Title

2. 1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance of 1960

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريه 1979

# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 1979

# سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979

# THE SINDH HISTORICAL MOSQUES AND SHRINES FUND CESS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[11 مارچ 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان

1. هن آرڊيننس سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

Short Title

1960 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of West Pakistan Ordinance of 1960

2. سنڌ تاريخي مسجدون ۽ مقبرا فنڊ سيس آرڊيننس، 1960 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) کي هيٺين ريت تبديل ڪيو ويندو:

"(4) سيس پهرين آڪٽوبر 1974 کان پنجن سالن جي عرصي لاءِ اوڳاڙيو ويندو ۽ ڇاڻايل عرصو پورو ٿيڻ کانپوءِ حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙي عرصي لاءِ سيس اوڳاڙي سگهي ٿي، جيڪو ٻن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو."

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**